مهراڻ سيريز

نئين نصاب مطابق

مهراڻ

# درسي
# سنڌي ڪتاب

ٽئين ڪلاس لاءِ

## ۽ ورڪ بُڪ
## سنڌي گرامر ۽ ڪمپوزيشن سان گڏ


ليکڪ

**شيخ نديم تصور**

M.A (Sindhi) M.A (Eco:) ,M.Ed.



زم زم سائنس پبليڪيشنز ڪراچي ®

SCIENCE PUBLICATIONS

# انتباهه

هن ڪتاب جا مڪمل حق پبلشر وٽ محفوظ آهن.
هن ڪتاب جي ڪنهن بہ حصي جي مڪمل طور تي جزوي لحاظ سان نقل ڪرڻ واري جي خلاف ڪاپي رائيٽ ايڪٽ تحت قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي.

ناشر

زمزم سائنس پبليڪيشنز ڪراچي®

ٽريڊ مارڪ (مهراڻ سيريز) رجسٽرڊ

قانوني مشير

ذوالفقار علي شيخ

| | |
|---|---|
| ڪتاب | مهراڻ سنڌي درسي ڪتاب |
| ليکڪ | شيخ نديم تصور<br>M.A (Sindhi), M.A (Eco:), M.Ed: |
| معاون | وڪيلہ گل M.A (Sindhi), B.Ed: |
| ڪمپوزنگ | عمران ميراڻي ۽ عديل احمد دايو |
| ڊزائيننگ | آصف ڪمپوزرس لکي |
| پبلشرز | زمزم سائنس پبليڪيشنز |

## اسٽاڪسٽ

نيو مهراڻ بُڪ اسٽور — نم جي چاڙهي سکر — 071-5626093

مهراڻ بُڪ سينٽر — شاهي بازار سکر — 071-5624790, 071-5627774

سنڌ جي هر ننڍي وڏي شهر جي سيني دڪانن تي بارعايت دستياب آهي.

# فهرست



| سبق | عنوان | نمبر |
|---|---|---|
| 01 | ڏاڍيءَ جي وڏائي | 5 |
| 02 | نعتِ رسول ﷺ | 9 |
| 03 | نبي اکرم ﷺ جن جا اخلاق مبارک | 13 |
| 04 | حضرت علي ڪرم الله وجهه | 17 |
| 05 | انصاف | 22 |
| 06 | سر حاجي عبدالله هارون | 26 |
| 07 | جانور | 30 |
| 08 | ڪمپيوٽر | 34 |
| 09 | نماز | 38 |
| 10 | ٽيليفون | 43 |
| 11 | اچو ته ٻوٽا پوکيون | 47 |
| 12 | هوا | 50 |
| 13 | سج، چنڊ ۽ تارا | 54 |
| 14 | تندرستي | 58 |
| 15 | سنيون چوکريون | 61 |
| 16 | ڪڏهن به هَٺُ نه ڪجي | 64 |
| 17 | اسان جو پيارو وطن | 67 |
| 18 | گُلُ | 71 |
| 19 | پاڻي | 76 |
| 20 | ٻج پرولي | 81 |
| 21 | ضلعي جو انتظام | 84 |

# فهرست



| سبق | عنوان | نمبر |
|---|---|---|
| 22 | محنت ڪر تون محنت ٻار | 88 |
| 23 | دعا | 92 |

# ڏڻيءَ جي وڏائي



## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| ڏڻي | الله سائين |
| سُڻ | ٻُڌ |
| صدا | سَڏُ |
| اُپائين | پيدا ڪرين |
| نپائين | پالين |
| رسائين | پهچائڻ |
| ڪرم/ پرم | ٻاجهه / لڄ |
| عظمت | وڏائي، شان |
| جڳ | جهان |
| تابع | ماتحت |

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| خطا | غلطي |
| ثاني | مَٽُ |
| ڪَتي | سَتَن تارن جو ميڙ |

## شعرن جي تشريح

بيت:

اي اسان جا ڏڻي، اي اسان جا خدا
توکي سڏيون پياء سڻ اسان جي صدا

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر ”غلام محمد غازي“ منڙي مالڪ کي چوي ٿو تہ اي مالڪ سائين اسان توکي سڏڙا ٿا ڪريون، اسان جا سڏڙا ٻڌ.

**بيت:**

تون اپائين، تون خالق منا
تون ئي روزي رسائين ٿو سائين سدا

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر ”غلام محمد غازي“ الله پاڪ جي تعريف ڪندي چوي ٿو تہ الله پاڪ تون ئي اسان کي پيدا ڪرين ٿو ۽ تون ئي اسان کي پالين ٿو. اسان جو خلقيندڙ تون ئي آهين ۽ اسان کي سدائين تون روزي ڏيڻ وارو آهين.

**بيت:**

تون جيارين، تون مارين، اٿارين وري
ڪين توکان سواءِ ٻئي کي سڏيون خدا

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر ”غلام محمد غازي“ پياري الله پاڪ کي چوي ٿو تہ تون ئي جيارڻ ۽ مارڻ وارو آهين ۽ مارڻ کان پوءِ وري قيامت جي ڏينهن اٿارڻ وارو آهين. اسان توکان سواءِ ٻئي ڪنهن کي نہ ٿا سڏيون.

**بيت:**

ڪرم تون ئي ڪرين، ڀرم تون ئي رکين
معاف تون ئي ڪرين ٿو اسان جي خطا

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر ”غلام محمد غازي“ الله پاڪ جي تعريف ڪندي چوي ٿو تہ الله پاڪ اسان تي تون ئي ڪرم ٿو ڪرين، ۽ اسان جو يقين قائم ٿو رکين، تون ئي اسان جون خطائون معاف ڪندڙ آهين.

بيت:

تنهنجي عظمت آ اعليٰ، سپ کان متي
ڪين تنهنجو ڪو ثاني، آ جڳ ۾ منا

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر ”غلام محمد غازي“ الله پاڪ جو شان بيان ڪندي چوي ٿو ته منهنجا الله تون عظيم آهين، تنهنجو مَٽُ ڪوئي ناهي، تون بيمثال آهين.

بيت:

سمنڊ، درياهه، نديون چنڊ تارا ڪتيون
تنهنجي تابع رهن، باهه، پاڻي هوا

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر ”غلام محمد غازي“ الله پاڪ جي تعريف ڪندي چوي ٿو ته منهنجا مالڪ هي سمنڊ، درياهه، نديون، چنڊ، تارا، ڪتيون، باهه، هوا، اهي سپ شيون تنهنجي حڪم جون غلام آهن، تون هر شيءِ جو مالڪ آهين.

## مشق

١ هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. هن نظم مان اوهان کي ڪهڙو شعر وڌيڪ وڻي ٿو؟

ج: تنهنجي عظمت آ اعليٰ، سپن ڪان متي، ڪين تنهنجو ڪو ثاني آ جڳ ۾ منا.

2. اسان جو خالق ۽ مالڪ ڪير آهي؟

ج: اسان جو خالق ۽ مالڪ الله تعاليٰ آهي.

3. سمنڊ، نديون، چنڊ ۽ تارا ڪنهن جي تابع آهن؟

ج: سمنڊ، نديون، چنڊ ۽ تارا الله تعاليٰ جي تابع آهن.

4. اسان هميشه ڪنهن کي سڏيندا آهيون؟

ج: اسان هميشہ الله تعاليٰ کي سڏيندا آهيون.

5. جيارڻ ۽ مارڻ وارو ڪير آهي؟

ج: جيارڻ ۽ مارڻ وارو الله تعاليٰ آهي.

## ب هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| جيارين | مارين | باهر | پاڻي |
| چند | سج | دنيا | آخرت |
| ڌرتي | آسمان | ادنيٰ | اعليٰ |

## د هيٺيان لفظ پيهر درست ڪري لکو.

| غلط | صحيح | غلط | صحيح |
|---|---|---|---|
| قرم | ڪرم | اعلا | اعليٰ |
| ماف | معاف | طارا | تارا |
| ازمت | عظمت | طابع | تابع |

## ر هيٺين لفظن جا هم آواز لفظ لکو:

| | |
|---|---|
| خالق | مالڪ |
| صدا | خدا |
| ڪرم | پرم |
| اپائين | نپائين |

سبق 2

# نعتِ رسول ﷺ



## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| فدا | قربان |
| پرين | پيارو |
| نانءُ | نالو |
| شفاعت | بخشش |
| ڀروسو | اعتماد |
| روزِ جزا | بدلي وارو ڏينهن |
| خود | پاڻ |
| صدقي | گهوري |
| روز | ڏينهن |
| ادا | ياءُ |
| اهڙو | ان جهڙو |

## شعرن جي تشريح

**بيت:**

محمد تان هر شيءِ ڪيون تا فدا
محمد صہ تان صدقي ڪيون سر سدا

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”غلام محمد غازي“ چوي ٿو تہ حضرت محمد صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم تان اسين هر شيءِ ۽ پنهنجو سر بہ قربان ڪريون ٿا.

بيت:

خدا کي ٻہ پيارو آ پنهنجو پرين
پرين اهڙو ڪنهن جو نہ هوندو ادا

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر "غلام محمد غازي" چوي ٿو تہ حضرت محمد صلي الله عليہ وآلہٖ وسلمؐ الله پاڪ جو محبوب آهي ۽ اهڙو محبوب پيارو ڪنهن جو بہ نہ آهي.

بيت:

منو نانءُ محمد جو جنهن دم ڪڄي
خدا خود پڙهي ٿو پيو صلي عليٰ

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر "غلام محمد غازي" چوي ٿو تہ الله سائين پاڻ پنهنجي محبوب صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم مٿان درود پاڪ پڙهندو آهي.

بيت:

شفاعت جو آهي وڏو پروسو
شفاعت ڏياريندو روز جزا

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر "غلام محمد غازي" چوي ٿو تہ اسان کي يقين آهي تہ قيامت (حساب ڪتاب) جي ڏينهن پاڻ سڳورا صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم اسان کي شفا ڏياريندا.

## مشق

### ١ هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. هن نعت مان توهان کي ڪهڙو شعر وڻي ٿو؟

منو نانءُ محمد صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جو جنهن دم ڪڄي. خدا خود پڙهي ٿو پيو صلي عليٰ.

2 آخرت ۾ شفاعت ڏياريندڙ ڪير آهي؟

آخرت ۾ شفاعت ڏياريندڙ حضرت محمد صلي الله عليه وآلهٖ وسلم آهي.

3 جنهن وقت اسان جي پياري نبي جو نالو ڪجي تہ اسان کي ڇا چوڻ گهرجي؟

جنهن وقت اسان جي پياري نبي جو نالو ڪجي تہ اسان کي صلي الله عليه وآلهٖ وسلم چوڻ گهرجي.

## ب هيٺيان خال ڀريو.

1 محمدﷺ تان هر شيءِ ڪيون ٿا فدا

2 خدا کي بہ پيارو آ پنهنجو پرين

3 مٺو نانءُ محمدﷺ جو جنهن دم ڪجي

4 شفاعت جو آهي، وڏو پروسو

## ج هيٺين لفظن جا جمع لکو.

| واحد | جمع | واحد | جمع |
| --- | --- | --- | --- |
| شيءِ | شيون | شفاعت | شفاعتون |
| پيارو | پيارا | اهڙو | اهڙا |
| نالو | نالا | وڏو | وڏا |

## د ان نعت جي هيٺين لفظن جا هم آواز لفظ لکو:

جيئن: ادا جو سدا

| | |
| --- | --- |
| پيارا | نيارا |
| رحمت | نعمت |
| چاهي | ٺاهي |
| رات | لات |

## رنگ ڀريو





# نبي اڪرم ﷺ جن جا اخلاق مبارڪ

## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| ڏيتي ليتي | ڏي وٺ | صادق | سچار |
| امين | امانتدار | پيغام | نياپو |
| ويري | دُشمن | هجرت | لڏي وڃڻ |
| گهيرو | ڪڙو | بي حد | حد کان وڌيڪ |
| شفقت | مهرباني | بيواهه | جنهن عورت جو مڙس فوت ٿي وڃي |
| لامارا | ڦيرا | زيادتي | واڌارو، ظلم |
| پاراتو | بد دعا | هدايت | نصيحت |
| تلقين | تاڪيد | پيروي | پوئلڳي |

## خلاصو

### نبي اڪرم ﷺ جن جا اخلاق مبارڪ

اسان جا نبي سڳورا صلي الله عليه وآلهٖ وسلم سٺن اخلاقن جا مالڪ هئا. پاڻ ڪڏهن به ڪنهن کي ايذاءُ ڪونه پهچاياائون. مڪي جا ماڻهو کين ”صادق“ ۽ ”امين“ چوندا هئا. پاڻ

سڳورا ﷺ سدائين سچ ڳالهائيندا هئا. پاڻ سڳورا ﷺ غريبن، مسڪينن ۽ بيواهن جو خيال رکندا هئا. پاڻ ﷺ جانورن تي بہ رحم ڪندا هئا. هڪ ڀيري هڪ پوڙهي اٺ کي بڪايل ڏسي، ان جي مالڪ کي ڍؤ تي گاهہ چارڻ جو حڪم ڪيائون، دشمن ڪين تڪليفون ڏنيون، سندن ڏند مبارڪ شهيد ڪيو، ڪين پٿر هنيا، پر پاڻ ڪڏهن بہ ڪنهن لاءِ بددعا نہ ڪيائون. هڪ پوڙهي مائي روزانو سندن لنگهڻ مهل واٽ تي گند ڪچرو اڇلائيندي هئي، هڪ ڏينهن مائيءَ کي نہ ڏٺائون تہ ان جي پڇا ڪيائون، ماڻهن ڪين ٻڌايو تہ پوڙهي بيمار آهي، اهو ٻڌي، پاڻ ان جي گهر وڃي سندس چڱ ڀلائيءَ بابت پڇيائون.

## مشق

ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. مکي جا ماڻهو پاڻ سڳورن ﷺ جي ڪهڙي تعريف ڪندا هئا؟

ج. پاڻ ڪريم صلي الله عليه وآلهٖ وسلم جن ڏيتي ليتيءَ ۾ ايماندار هئا، تنهنڪري مکي جا ماڻهو ڪين صادق ۽ امين چوندا هئا.

2. مکي جا ڪافر سندن ڇو دشمن تي پيا؟

ج. جڏهن پاڻ ڪريم صلي الله عليه وآلهٖ وسلم جن نبوت ملڻ کان پوءِ ماڻهن کي هي پيغام ڏيڻ شروع ڪيو تہ الله هڪ آهي، ان جي ئي عبادت ڪريو ۽ بتن جي پوڄا نہ ڪريو تہ مکي جا ڪافر سندن دشمن تي پيا.

3. پاڻ سڳورا ﷺ پنهنجي دشمنن سان ڪيئن هلندا هئا؟

ج. پاڻ ڪريم صلي الله عليه وآلهٖ وسلم جن پنهنجي دشمنن سان بہ سهڻو سلوڪ ڪندا هئا.

4. پوڙهي مائِيءَ اسلام ڪيئن قبول ڪيو؟

ج. مکي جي هڪ پوڙهي مائي هميشہ پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآلهٖ وسلم جي لنگهڻ مهل گند ڪچرو ۽ ڪندا اڇلائيندي هئي، اها

جڏهن بيمار ٿي پئي تہ پاڻ ڪريم صلي الله عليه وآلهٖ وسلم ان جي گهر وڃي خيريت معلوم ڪئي. پوڙهيءَ سندن ايڏي شفقت ۽ مهرباني ڏسي هڪدم اسلام قبول ڪيو.

5. پاڻ سڳورن ﷺ جهرڪيءَ جي ٻچن بابت ڪهڙو حڪم ڪيو؟

ج. پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآلهٖ وسلم جهرڪيءَ جي ٻچن بابت فرمايو تہ انهن کي هڪدم پنهنجي آکيري ۾ ڇڏي اچ.

6. پاڻ سڳورن ﷺ طائف جي ماڻهن لاءِ ڪهڙي دعا گهري؟

ج. پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآلهٖ وسلم طائف جي ماڻهن لاءِ هيءَ دعا گهري تہ ”اي الله! انهن کي هدايت ڏي، اهي منهنجي ڳالهہ نہ ٿا سمجهن“.

## ب صحيح جواب چونڊيو.

1. پاڻ سڳورن ﷺ وٽ جيڪي امانتون پيل هيون اهي حوالي ڪيون:
   (i) حضرت ابوبڪرؓ جي (ii) حضرت عمرفاروقؓ جي
   (iii) حضرت عليؓ جي ✓

2. ايستائين جو ڪافرن جو سردار ___ابوجهل___ بہ کين سچو سمجهندو هو.
   (i) يزيد (ii) ابوجهل ✓ (iii) شمر

3. پوڙهيءَ سندن ايڏي ___شفقت___ ۽ مهرباني ڏسي هڪدم اسلام قبول ڪيو.
   (i) شفقت ✓ (ii) عظمت (iii) عنايت

4. هڪ ڀيري ڪو اصحابي سڳورو ___جهرڪيءَ___ جي آکيري مان ٻچا ڪڍي آيو.
   (i) ڪانويليءَ (ii) ڪوئل (iii) جهرڪيءَ ✓

5. پاڻ ﷺ هميشہ ___سڀ___ جو خير گهرندا هئا.
   (i) سڀ ✓ (ii) مائٽن (iii) پنهنجو

## ج هيٺين لفظن جي معنيٰ پڙهي جملا ٺاهيو.

| لفظ | معنيٰ | جملو |
|---|---|---|
| ايماندار | ايمان وارو | پاڻ ڪريم صلي الله عليه وآلهٖ وسلم جن ڏيتي ليتيءَ ۾ ايماندار هئا. |
| امانتون | ڪاشيءِ ڪنهن وٽ حفاظت لاءِ | مڪي جا ماڻهو پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآلهٖ وسلم وٽ امانتون رکندا هئا. |
| رحم | ٻاجهه | الله سائين هميشه ٻانهن تي رحم ڪندو آهي. |
| خيريت | ڀلائي | پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآلهٖ وسلم پوڙهي مائيءَ جي گهر وڃي خيريت معلوم ڪئي. |
| هڪدم | جلدي | ڪا ڳالهه ٻڌي بغير تصديق جي هڪدم نه ڦهلائڻ گهرجي. |
| پاراتو | بد دعا | پاڻ ڪريم صلي الله عليه وآلهٖ وسلم جن ڪنهن کي به پاراتو نه ڏيندا هئا. |

## د نوان لفظ ٺاهيو: جيئن ملڻ مان مليو.

| | | | |
|---|---|---|---|
| چوڻ مان | چيو | ڳالهائڻ مان | ڳالهايو |
| ٽوڙڻ مان | ٽوڙيو | گهمائڻ مان | گهمايو |

## ر هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو:

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| صادق | سچ ڳالهائيندڙ | زمين | ڌرتي |
| هجرت | لڏي وڃڻ | سردار | اڳواڻ |
| بيواهه | بي سهارو | رحم | ٻاجهه |
| پيغام | نياپو | ويري | دشمن |
| معلوم | خبر هجڻ | | |

سبق 4

# حضرت علي كرم الله وجهه



## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| معنيٰ | لفظ | معنيٰ | لفظ |
|---|---|---|---|
| خاندان | عيال | پُٽُ | فرزند |
| هنڌ | بستري | ذميواري | ذمو |
| رهڻ جو طريقو | رهڻي ڪهڻي | ڪرتب | جوهر |
| رحم ڪندڙ | رحمدل | پائيندا | پهريندا |
| ڪامياب | فتح | نپائڻ | پالڻ |
| ان سان | ساڻس | ڪپڙا | لباس |
| محتاج | سوالي | ڪوٽ | قلعو |

## خلاصو

### حضرت علي ڪرم الله وجههٗ

حضرت علي ڪرم الله وجههٗ وڏا رحمدل، انصاف ڪندڙ ۽ شخص هئا. حضرت علي ڪرم الله وجههٗ جن ڪيترن ئي جنگين ۾ حصو ورتو، انهن مان خيبر جي جنگ مشهور آهي. پاڻ شروع ۾ انهيءَ جنگ ۾ شريڪ نه هئا، ڇو ته سندن اکين ۾ سور هو. مسلمان ڪيترائي ڏينهن خيبر جي قلعي کي گهيرو ڪري ويٺا هئا پر اهو فتح نه ٿي سگهيو. ان جي ٻاهران کاهي کوٽيل هئي. جنگ پورا ٽيهه ڏينهن هلي، هڪڙي ڏينهن حضور صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جن فرمايو ته ”سڀاڻي جهنڊو اهڙي شخص کي ڏسنداسين جيڪو الله ۽ ان جي رسول صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم سان محبت ڪري ٿو ۽ اهي به ان سان محبت ڪن ٿا“. ٻئي ڏينهن حضور اڪرم صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم حضرت علي ڪرم الله وجههٗ کي سڏايو، سندن اکين تي پڪ مبارڪ لڳائي ته سور هڪدم ختم ٿي ويو، پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم حضرت علي ڪرم الله وجههٗ کي جهنڊو عطا ڪري جنگ جي ميدان ڏانهن روانو ڪيو. حضرت علي ڪرم الله وجههٗ قلعي جو دروازو پٽي کاهيءَ تي رکيو، ائين اسلامي لشڪر قلعي ۾ داخل ٿيو. يهودين جو پهلوان مرحب ٻاهر نڪتو ۽ حضرت علي ڪرم الله وجهه سان مقابلي ۾ مارجي ويو، مسلمانن خيبر جو قلعو فتح ڪري ورتو. حضرت علي ڪرم الله وجهه وڏا سخي هئا، ڪڏهن به ڪنهن سواليءَ کي خالي هٿين نه واپس ڪيائون هڪ ڀيري يهوديءَ جي باغ ۾ مزدوري ڪيائون، ان مزدوريءَ مان جَوَ ورتائون، انهن جون جي اٽي جون مانيون ٺيون اهي پنهنجي روزي ڇوڙڻ لاءِ رکيائون. روزي ڇوڙڻ جي وقت هڪ مسڪين

سوال ڪيو تہ ان کي هڪدم ماني ڏئي ڇڏيائون. وري ٻي ماني غير مسلم قيديءَ جي سوال ڪرڻ تي ان کي ۽ ٽين ڀيرو ٽيون يتيم ٻار کي سوال ڪرڻ تي ڏئي ڇڏيائون ۽ پاڻ پاڻي پي روزو ڇوڙيائون.

## مشق

### ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. حضرت علي ڪرم الله وَجهہ ڪھڙي هنڌ ڄاوا هئا؟

ج. حضرت علي ڪرم الله وجههٗ ڪعبة الله شريف ۾ ڄاوا هئا.

2. سندن پالڻ جو ذمو ڪنھن کنيو هو؟

ج. حضرت علي رضہ جي پالڻ جو ذمو نبي ڪريم صلي الله عليه وآلهٖ وسلم جن پنھنجي مٿان کنيو

3. ٻارن ۾ سڀ کان پھريائين پاڻ سڳورن ﷺ تي ايمان ڪنھن آندو؟

ج. ٻارن ۾ سڀ کان پھريائين پاڻ سڳورن ﷺ تي حضرت علي رضہ ايمان آندو.

4. خيبر جو قلعو ڪنھن جي بهادريءَ سان فتح ٿيو؟

ج. خيبر جو قلعو حضرت علي رضہ جي بهادريءَ سان فتح ٿيو.

5. حضرت علي ڪرم الله وَجهہ ڪنھن کي بازار مان ڪپڙا وٺي ڏنا؟

ج. حضرت علي ڪرم الله وجههٗ پنھنجي غلام کي بازار مان ڪپڙا وٺي ڏنا.

### ب هيٺين لفظن جا جمع لکو.

| واحد | جمع | واحد | جمع |
|---|---|---|---|
| سڳو | سڳا | ڪپڙو | ڪپڙا |
| قلعو | قلعا | دعوت | دعوتون |
| جنگ | جنگيون | سنو | سنا |

## ج هيٺيان لفظ ٻيهر درست ڪري لکو.

| صحيح | غلط |
|---|---|
| ايمان | عيمان |
| دعوت | داوت |
| نڪاح | نڪاھ |
| رحمدل | رھمدل |
| عرض | ارز |
| | |

## د هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو:

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| فرزند | پٽ | بهادري | دليري |
| عيال | خاندان | رهڻي ڪهڻي | زندگي گذارڻ جو طريقو |
| رحمدل | رحم ڪرڻ وارو | | |

## ر هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| سگهو | ويڳا | سادو | اعليٰ |
| غريب | امير | نوجوان | پوڙهو |
| حاڪم | غلام | نوان | پراڻا |

## ه هيٺيان خال ڀريو .

1. حضرت علي ڪرم الله وجهه حضرت ابو طالب جا فرزند هئا.
2. حضرت علي ڪرم الله وجهه سڀني جنگين ۾ شريڪ ٿيا.
3. پاڻ رضہ سادو کائيندا ۽ سادو لباس پهريندا هئا.
4. هڪ ڀيري پاڻ رضہ پنهنجي غلام کي بازار وٺي ويا.
5. گهر ۾ جيڪو ڪجهه هوندو هئن، سوالين کي ڏئي ڇڏيندا هئا.

## ي هيٺين مثال مطابق لفظ ٺاهيو.

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| ڏسندا | + | سين | = | ڏسنداسين |
| آٽيندا | + | سين | = | آٽينداسين |
| گهمندا | + | سين | = | گهمنداسين |
| ايندا | + | سين | = | ايند اسين |

سبق 5



# انصاف

## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| ويس | لباس | پادري | عيسائي عالم |
| حاڪم | بادشاھ | مهار | رسي |
| عجب | حيرت | مالِ غنيمت | جنگ کان پوءِ هٿ آيل مال |
| پهراڻ | قميص | مٽائي | بدلائي |
| رڳو | فقط | غلام | ٻانهو |
| بيت | گهر | منزل | ماڙ |
| مقدس | عزت وارو | خطبو | واعظ |
| همت | طاقت | دانهن | فرياد |

## خلاصو

### انصاف

مسلمانن جو هي اصول هو ته جڏهن هو جنگ ڪندا هئا، تڏهن دشمن جو ڇڏيل "غنيمت جو مال" پاڻ ۾ هڪجيترن حصن ۾ ورهائي ڪندا هئا. هڪڙيءَ جنگ ۾ مسلمانن کي ڪجھ ڪپڙو هٿ آيو، اهو به سپني ۾ هڪجيترو ورهايو ويو. خليفي پاڻ به اوترو ئي ڪپڙو ڪنيو، جيترو ٻين کي مليو. ٻئي ڏينهن خليفو، جيئن ئي خطبو ڏيڻ لاءِ اٿيو، تيئن هڪ ماڻهوءَ چيس ته "توهان ٻين کي وڌيڪ ڪپڙو ڪنيو، ان ڪري اسين اوهانجي ڳالھ کو

نہ ٻڌنداسين“ ان تي خليفي پنهنجي پٽ کي جواب لاءِ سڏايو. جنهن ٻڌايو تہ ”بابا سائينءَ جو قد ڊگهو آهي. ان ڪپڙي مان سندن پهراڻ نہ ٿي ها، ان ڪري مون پنهنجي حصي جو مليل ڪپڙو کين ڏنو. اهو ٻڌي ان ماڻهوءَ ادب سان اٿي چيو تہ اي مسلمانن جا امير! هاڻي اوهين جيڪو بہ حڪم ڪندا، ان تي عمل ڪنداسين، خليفي سيني جي اڳيان ان ماڻهوءَ جي ايڏي همت کي ساراهيو. حضرت عمر فاروق رضي الله عنه جي دؤر ۾ هڪ گورنر جي پٽ ڪنهن ڳوناڻي کي ٿڦڪا هنيا تہ خليفي ان سان انصاف ڪندي کيس ٿڦڪو ڏنو ۽ چيو تہ ”تون پنهنجو بدلو پاڻ وٺ“ اهڙيءَ طرح گورنر جي موجودگيءَ ۾ ان جي پٽ کي ٿڦڪا هنيا ويا.

## مشق

**۱ هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

1. بيت المقدس شهر ۾ داخل ٿيڻ مهل اُٺ تي ڪير چڙهيل هو؟

ج. بيت المقدس شهر ۾ داخل ٿيڻ مهل اُٺ تي غلام وينل هو ۽ مهار حضرت عمر رضہ جي هٿ ۾ هئي.

2. حضرت عمر ماڻهن جا ڏک سور ٻڌڻ لاءِ رات جو ڇا ڪندا هئا؟

ج. حضرت عمر ماڻهن جا ڏک سور ٻڌڻ لاءِ رات جو ويس بدلائي پري پري تائين نڪري ويندا هئا.

3. مسلمان مال غنيمت کي ڪيئن ورهائيندا هئا؟

ج. مسلمان مال غنيمت هڪ جيترن حصن ۾ ورهائيندا هئا.

4. حضرت عمر رضہ خطبي لاءِ اٿيو تہ هڪ ماڻهوءَ ڇا چيس؟

ج. حضرت عمر رضہ خطبي لاءِ اٿيو تہ هڪ ماڻهوءَ چيس تہ توهان اسان کان وڌيڪ ڪپڙو ڪنيو آهي، ان جو حساب ڏيو.

5. خليفي گورنر جي پٽ کي ٿڦڪا ڇو هڻايا؟

ج. سندس دؤر ۾ هڪڙي گورنر جي پٽ ڪنهن ڳوناٽي کي ڦٽڪا هنيا. ڳوناٽي حضرت عمر رضہ کي دانهن ڏني. گورنر ۽ ان جي پٽ کي گهرايو ويو. گورنر جي پٽ ڏوهه مڃيو، پوءِ خليفي ان ڳوناٽي کان گورنر جي سامهون سندس پٽ کي ڦٽڪا هڻايا.

## ب. هيٺيان خال ڀريو.

1. بيت المقدس ۾ داخل ٿيا ته اٺ تي غلام ويٺل هو ۽ مهار حضرت عمر رضہ جي هٿ ۾ هئي.
2. خليفي سيني جي اڳيان ماڻهوءَ جي ايڏي همت کي ساراهيو.
3. حضرت عمر جي اهڙي عدل ۽ انصاف جا ڪيئي واقعا مشهور آهن.

## ج. هيٺيان لفظ ڀيهر درست ڪري لکو.

| صحيح | غلط |
|---|---|
| عدل | ادل |
| حوالي | هوالي |
| انصاف | انساف |
| حصو | هصو |
| خطبو | ختبو |

## ر. هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| ڏک | سک | غلام | مالڪ |

| | | | |
|---|---|---|---|
| ڏکڻ | نندو | فتح | شڪست |
| اڳيان | پويان | مٿو | ڪوڙو |

**ھ** ھن سبق ۾ مدينو شريف ۽ بيت المقدس شهرن جا نالا آيل آھن، توھان ٻين ڪن شهرن جا نالا ٻڌايو.

| | | |
|---|---|---|
| مڪه معظمه | جده | استنبول |
| تهران | رياض | نجف اشرف |

**ي** ھن سبق ۾ سواريءَ جي جانورات جو ذڪر ڪيل آھي، توھان ٻين جانورن جا نالا ٻڌايو.

| | | |
|---|---|---|
| هاٿي | گھوڙو | گڏھ |
| خچر | ڏاند | |

سبق 6



# سَرحاجي عبدالله هارون

## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| حياتي | زندگي | مقام | جڳهه |
| پتوڙيو | ڪوشش ڪئي | پرورش | پالنا |
| غربت | مفلسي | ڀرپور | تمام گهڻي |
| واپار | ڌنڌو | ماهوار | ماهانه |
| ڄاڻ | معلومات | ايمانداريءَ | ديانتداري |
| واپارين | تاجرن | تحريڪ | تنظيم |
| فڪرمند | پريشان | سخي | مال ورهائيندڙ |

## خلاصو

### سرحاجي عبدالله هارون

سر حاجي عبدالله هارون، قائد اعظم جو ساٿي هو. پاڻ پاڪستان جي تحريڪ ۾ ڀرپور حصو ورتائين. سر حاجي عبدالله هارون 1872ع ۾ ڪراچيءَ جي هڪ غريب گهر ۾ ڄائو. هي چئن سالن جو هو ته سندس پيءُ وفات ڪري ويو، ان کان پوءِ ان جي ماءُ

ڪيس نپايو. سندس ماءُ هن کي پڙهائڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي، پر غربت جي ڪري ڪيس وڌيڪ پڙهائي نہ سگهي، سر حاجي عبدالله هارون جڏهن وڏو ٿيو تہ ڪجهہ شيون خريد ڪري پاڙي ۾ وڪڻڻ لڳو ۽ پئسا گڏ ڪري آهستي آهستي هو ترقي ڪندو ويو ۽ پوءِ پنهنجو ننڍڙو دڪان کولي واپار ڪرڻ لڳو ۽ ٿوري ئي وقت ۾ ڪراچيءَ جي وڏن واپارين ۾ ليکجڻ لڳو. هن ڪيترين ئي مسجدون نهرائي انهن ۾ ديني تعليم ڏيڻ جو بندوبست ڪيو.

سر حاجي عبدالله هارون 1942ع ۾ وفات ڪئي.

## مشق

### 1 هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. سر حاجي عبدالله هارون ڪڏهن ۽ ڪٿي پيدا ٿيو؟

ج. سر حاجي عبدالله هارون 1872ع ۾ ڪراچيءَ جي هڪ غريب خاندان ۾ پيدا ٿيو.

2. پيءُ جي وفات کان پوءِ کيس ڪنهن پاليو؟

ج. پيءُ جي وفات کان پوءِ کيس ماءُ پاليو.

3. هو ڪنهن جو ساٿي هو؟

ج. سر عبدالله هارون، قائداعظم محمد علي رح جو ساٿي هو.

4. هو ڪهڙن ماڻهن جي مدد ڪندو هو؟

ج. هو غريبن، يتيمن ۽ ضرورتمندن جي دل کولي مدد ڪندو هو.

5. سر عبدالله هارون جي زندگيءَ مان اسان کي ڪهڙو سبق ملي ٿو؟

ج. سر عبدالله هارون جي زندگيءَ مان اسان کي هي سبق ملي ٿو تہ هميشہ محنت، سچائي ۽ ايمانداريءَ تي قائم رهجي.

## ب صحيح جواب چونڊيو.

1. سر عبدالله هارون 1872ع ۾ ___ڪراچيءَ___ جي هڪ غريب خاندان ۾ ڄائو.
   (i) نواب شاهه (ii) ڪراچيءَ ✓ (iii) سانگهڙ

2. سر عبدالله هارون ___ڇهن___ سالن جو هو ته سندس پيءُ وفات ڪري ويو.
   (i) ٻن (ii) ٽن (iii) ڇهن ✓

3. هن محسوس ڪيو ته واپار ڏاڍو ___فائدي وارو___ ڏنڌو آهي.
   (i) فائدي وارو ✓ (ii) نقصان ڪار (iii) بيڪار

4. سر عبدالله هارون جي هڪ دڪاندار وٽ ماهوار پگهار ___چار روپيه___ هئي.
   (i) ٽي روپيه (ii) چار روپيه ✓ (iii) پنج روپيه

5. جلد ئي هن جو شمار ڪراچيءَ جي وڏن ___واپارين___ ۾ ٿيڻ لڳو.
   (i) آفيسرن (ii) سياستدانن (iii) واپارين ✓

## ج هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| رحمدل | ظالم | ايمانداري | بي ايماني |
| سخي | ڪنجوس | خاص | عام |
| غريب | امير | شروع | ختم |

## ر لفظن جي معنيٰ لکي، جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ | جملو |
|---|---|---|
| ڌرتي | زمين | سنڌ ڌرتيءَ ڪيئي وڏا ماڻهو پيدا ڪيا آهن. |
| ڀرپور | تمام گهڻو | اسان کي نيڪ ڪمن ۾ ڀرپور حصو وٺڻ گهرجي. |
| ضرورت | گهرج | ڪنهن جي ضرورت پوري ڪرڻ به نيڪي آهي. |
| نيڪي | ڀلائي | الله تعاليٰ ڪنهن جي به نيڪي ضايع نه ڪندو آهي. |

## ھ لفظ ٺاهيو: جيئن، مسجد مان مسجدون

| | | |
|---|---|---|
| ڪوشش | = | ڪوششون |
| قوم | = | قومون |
| اوطاق | = | اوطاقون |
| غربت | = | غربتون |

## ي هن سبق ۾ ڪراچي شهر جو نالو آيو آهي. توهان سنڌ جي ڪن به پنجن شهرن جا نالا لکو.

| | | |
|---|---|---|
| حيدرآباد | سکر | دادو |
| لاڙڪاڻو | شڪارپور | |

## رنگ ڀريو.



# جانور



## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| قدبت | قدڪاٺ | خوراڪ | غذا/ کاڌو |
| ڪنيڙاٿيون | پر / ڪنب | ڏارائيندا | پياريندا |
| پٽاندر | مطابق | ڏاقوڙا | ويڪرا |
| موسمي | مندائتو | مختلف | الڳ |
| ڦڙتي | چالاڪي | ڪارائتا | فائدي وارا |
| پالتو | پاليل | واڙو | جانورن جي جاءِ |
| وٿاڻ | جڳهه | قدرتي ماحول | اصلي ماحول |

### خلاصو

جانور

اسين ماڻهو به جاندار آهيون چو ته اسين کاڌو کائون ٿا، پاڻي پيئون ٿا ۽ ساهه کڻون ٿا. اهڙيءَ طرح جانور ۽ پکي به کاڌو

ڪائين پاڻي پيئن ۽ ساهه بہ کڻن ٿا. اهي بہ جاندار آهن. جاندارن جون شڪليون ۽ قدبت هڪ ٻئي کان مختلف آهن. ان ڪري ئي اسين انهن کي سڃاڻي سگهون ٿا. هر جانور ۽ پکيءَ جي خوراڪ ٻئي جانور ۽ پکيءَ جي خوراڪ کان ڌار هوندي آهي. ڪي گاهه ڪائين تہ ڪي وري گوشت ۽ ڪي ميوا. پکين جو جسم کنڀن سان ڍڪيل هوندو آهي. کنڀ انهن کي موسمي اثر کان بچائين ٿا. الله سائينءَ هر جانور ۽ پکي ان جي ماحول پٽاندر ٺاهيو آهي. جيئن پکي وڻن تي ۽ مڇي پاڻيءَ ۾ رهي ٿي، ڪي جانور جهنگ ۾ رهندا آهن ۽ ڪي پالتو هوندا آهن. پالتو جانور اسان لاءِ ڏاڍا ڪارائتا آهن. اهي سواري ۽ بار کڻڻ جي ڪم ايندا آهن. اسين ڪن جانورن جو کير پيئندا آهيون ۽ انهن جو گوشت بہ کائيندا آهيون. انهن جي چمڙي مان ٿيلها، بوٽ، جئڪيٽ ۽ ٻيو سامان ٺهي ٿو، ٻلي ۽ ڪتو بہ پالتو جانور آهن.

## مشق

### ١ هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. جانور ۽ پکي ڪيئن هڪ ٻئي کان مختلف آهن؟

ج. جانور ۽ پکي شڪلين ۽ قدبت ۾ هڪٻئي کان مختلف آهن.

2. هاٿي ڪهڙي شيءِ شوق سان کائيندو آهي؟

ج. هاٿي ڪمند شوق سان کائيندو آهي.

3. ٻگهہ ڇا کائيندو آهي؟

ج. ٻگهہ مڇي کائيندو آهي.

4. اٺ جا پير ڪيئن هوندا آهن؟

ج. اٺ جا پير ڏاڪوڙا هوندا آهن.

5 ڪمي پنهنجي ٻچي کيئن لڪائيندي آهي؟

ج ڪمي پنهنجي ٻچي جسم تي موجود وڏي کوپي جي اندر لڪائيندي آهي.

## ب صحيح جواب چونڊيو.

1 پکين ۽ جانورن ٻنهي جي خوراڪ ___مختلف___ هوندي آهي.

(i) هلڪي (ii) ساڳي (iii) مختلف ✓

2 ڌرتيءَ تي رهندڙن جا ___ٻه___ قسم آهن.

(i) ٻه ✓ (ii) ٽي (iii) چار

3 ___هاٿي___ ڪمند شوق سان کائيندو آهي.

(i) شينهن (ii) هاٿي ✓ (iii) چيتو

4 پکين کي ___ٻه___ ڪنيڙاٽيون ۽ ٻه ڄنگهون ٿين ٿيون.

(i) ٽي (ii) چار (iii) ٻه ✓

5 جيڪو جتي رهي ٿو، اهو ان جو ___ماحول___ آهي.

(i) اثر (ii) ماحول ✓ (iii) گهر

## ج لفظن جي معنيٰ لکي، جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| جاندار | ساهه وارو |
| جملو | ڌرتيءَ تي رهندڙ جا ٻه قسم آهن. هڪڙا جاندار ۽ ٻيا بي جان. |
| مختلف | جدا/الڳ |
| جملو | پکين ۽ جانورن جي خوراڪ مختلف هوندي آهي. |
| خوراڪ | غذا |
| جملو | ٻڪرين جي خوراڪ ميجي آهي. |
| کنڀ | پَرَ |

| | |
|---|---|
| جملو | سيني پکين کي ٻه کنپ ٿين ٿا. |
| ڏاقوڙا | ويڪرا |
| جملو | اٺ جا پير ڏاقوڙا هوندا آهن. |
| دشمن | ويري |
| جملو | ڪمي دشمن کان بچاءَ لاءِ پنهنجي ڪوپي ۾ ڳچي لڪائيندي آهي. |

د هن سبق ۾ جهنگلي جانورن جا نالا آيا آهن، توهان بين ڪن ٻه پنجن جهنگلي جانورن جا نالا ٻڌايو.

| | | |
|---|---|---|
| پانڊا | بگهڙ | گدڙ |
| لومڙي | گينڊو | |

ر ڪن ٻه پنجن گهرو جانورن جا نالا ٻڌايو:

| | | |
|---|---|---|
| مينهن | ٻڪري | رڍ |
| ٻلي | ڪتو | |



# ڪمپيوٽر

## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| اسرار | راز | ليکا | حساب ڪتاب |
| سانڊي | سنڀالي | ڪرامت | معجزو |
| ذهن | دماغ | هاڻ | هن وقت |
| وڃايل | گم ٿيل | لهون | ڳولهيون |
| | مڃڻ | قبولڻ | |

## شعرن جي تشريح

### ڪمپيوٽر

بيت:

ڪمپيوٽر تي لکون پڙهون ٿا
ڪمپيوٽر تي راند کيون ٿا

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر ”غلام محمد غازي“ چوي ٿو تہ ڪمپيوٽر تي اسان لکون پڙهون ۽ راند بہ کيڏون ٿا.

بيت:

هلندي ڪمپيوٽر تي هر شيءِ
اهڙا هت اسرار ڏسون ٿا

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر ”غلام محمد غازي“ چوي ٿو ته ڪمپيوٽر ۾ اسان عجب راز ته ڏسون ته هن ۾ هر شيءِ هلي ٿي.

بيت:

لکن جا ليکا منٽ ۾ ٿيندا
ذهن تي هاڻ نه روز ڏيون ٿا

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر ”غلام محمد غازي“ چوي ٿو ته هاڻي ذهن تي زور ڏيڻ جي ضرورت ناهي ڇو ته ڪمپيوٽر لکن جا حساب به هڪ منٽ جي اندر ڪري ٿو.

بيت:

ساندي ٿو هو ساريون ڳالهيون
چيز وڃايل پوءِ لهون ٿا

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر ”غلام محمد غازي“ چوي ٿو ته ڪمپيوٽر سڀيون ڳالهيون پاڻ ۾ سنڀالي رکي ٿو ۽ گم ٿيل شيون اسان کي آساني سان ملي وڃن ٿيون.

بيت:

ڪمپيوٽر جي هيءَ ڪرامت
سچيءَ دل سان پاڻ مڃون ٿا

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر غلام محمد ”غازي“ چوي ٿو ته هيڏا ڏکيا ڪم آسانيءَ سان ڪرڻ ڪمپيوٽر جي ڪرامت آهي. اسين ڪمپيوٽر جي ان ڪرامت کي مڃون ٿا.

# مشق

## (ا) هيٺين سوالن جا جواب لکو.

(1) هن نظم جو ڪهڙو شعر اوهان کي وڻي ٿو؟

(ج) هن نظم ۾ اسان کي هي شعر وڻي ٿو، لکن جا ليکا منٽ ۾ ٿيندا، ذهن تي هاڻ نہ زور ڏيون ٿا.

(2) لکن جا ليکا ڪيتري دير ۾ ٿين ٿا؟

(ج) لکن جا ليکا منٽ ۾ ٿين ٿا.

## (ب) هيٺيان خال ڀريو .

(1) ڪمپيوٽر تي لکون ___پڙهون___ ٿا

(2) ___ڪمپيوٽر___ تي راند ڪيون ٿا

(3) هلندي ڪمپيوٽر تي هر ___شيءِ___

(4) ___ذهن___ تي هاڻ نہ زور ڏيون ٿا

## (ج) هيٺين لفظن جا جمع لکو.

| واحد | جمع | واحد | جمع |
|---|---|---|---|
| ذهنُ | ذهنَ | شيءِ | شيون |
| اسرارُ | اسرارَ | ڳالھ | ڳالھيون |
| ليکو | ليکا | ڪَرامت | ڪَرامتون |

## ج لفظن کي جملن ۾ ڪم آڻيو.

جي

جملو: ڪمپيوٽر جي ڪري سڀ ڪم آسان ٿي پيا آهن.

هي

جملو: هي ڪمپيوٽر هڪ حيرت انگيز ايجاد آهي.

ئي

جملو: ڪمپيوٽر جي ذريعي ئي اسان ٻين تائين آسانيءَ سان پيغام پهچائي سگهون ٿا.

ڪا

جملو: ڪمپيوٽر جي ڪري ڪا ڳالهه ڳجهي ناهي رهي.

جو

جملو: ڪمپيوٽر جو استعمال تمام عام ٿي ويو آهي.

# نماز



## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| دنياوي | دنيا جو | نماڻائي | عاجزي |
| بارگاهہ | جڳهہ / گهر | صف | قطار |
| منجهن | انهن ۾ | فرض | لازمي |
| ايرڻ | متي چڙهڻ | عادت | خصلت |
| جسم | بدن | دنياوي | دنيا جا |
| جاڳڻ | ننڊ مان اٿڻ | فرض | لازمي قرار ڏنل |
| ڏاري | مهل | لهڻ | گم ٿيل |
| سوير | جلدي | راضي | خوش |
| چست | ڦڙت | صف | قطار |
| منجهن | انهن ۾ | ورزش | ڪثرت |
| | جماعت | ٽولو | |

خلاصو

# نماز

جمعي جي ڏينهن سرمد اسڪول کان گهر موٽيو ته ڪتابن جو ٿيلهو ڪٻٽ ۾ رکيائين، اسڪول يونيفارم مٽائي صاف ۽ پاڪ ڪپڙا پاتائين ته ايتري ۾ بانگ آئي. هو پيءُ سان گڏجي مسجد ۾ نماز پڙهڻ لاءِ ويو. سندس ماءُ گهر ۾ ئي نماز پڙهي. نماز کان اڳ سرمد به پيءُ سان گڏ وضو ڪيو، پوءِ نماز پڙهي گهر موٽيا سيني ”بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ“ چئي ماني کاڌي، پوءِ سرمد جي پڇڻ تي ڪيس ٻڌايو ته جمعي جي نماز کان پوءِ اڳئين جي نماز نه پڙهبي آهي، باقي ٻين ڏينهن تي اڳئين نماز پڙهبي آهي. روزانو پنج وقت نماز پڙهبي آهي. انهن جا نالا هي آهن (1) فجر جي نماز (2) اڳئينءَ جي نماز (3) وچينءَ جي نماز (4) سانجهيءَ جي نماز (5) سومهڻيءَ جي نماز. صبح جي نماز سج ابرڻ کان اڳ پڙهبي آهي، اڳئينءَ جي نماز منجهند کان پوءِ سج لڙڻ کان پوءِ پڙهبي آهي، وچينءَ جي نماز سج لهڻ کان اڳ پڙهبي آهي. سانجهيءَ جي نماز سج لهڻ سان پڙهبي آهي، سومهڻي جي نماز سانجهيءَ نماز کان اٽڪل ڏيڍ ڪلاڪ کان پوءِ پڙهبي آهي. هڪٻئي سوال تي سرمد جي پيءُ ٻڌايو ته نماز قبلي ڏانهن منهن ڪري پڙهبي آهي. قبلو اسان جي ملڪ جي اولهه پاسي آهي، ان ڪري اسين اولهه ڏانهن منهن ڪري نماز پڙهندا آهيون، اسان پنج وقت روزانو الله تعاليٰ جي آڏو عبادت لاءِ حاضر ٿيندا آهيون. نماز لاءِ پنج وقت وضو ڪندا آهيون جسم ۽ ڪپڙا پاڪ ۽ صاف رهندا آهن، نماز اسان کي وقت جي پابندي سيکاري ٿي.

# مشق

## ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. نماز جا وقت ڪهڙا ڪهڙا آهن؟
ج: نماز جا وقت هي آهن، فجر، ٻيپهري، ٽيپهري، سانجهي، سومهڻي.

2. فجر جي نماز ڪهڙي مهل پڙهبي آهي؟
ج: فجر جي نماز سج ايرڻ کان اڳ پڙهبي آهي.

3. جماعت سان نماز پڙهڻ ڪري ڪنهن ڪنهن سان ملڻو پوي ٿو؟
ج: جماعت سان نماز پڙهڻ ڪري عزيز قريب، دوست ۽ پاڙي وارن سان ملڻو پوي ٿو، جنهن سبب هڪ ٻئي لاءِ پيار ۽ محبت وڌي ٿي.

4. نماز ۾ امير توڙي غريب ڪيئن بيهندا آهن؟
ج: نماز ۾ امير توڙي غريب نماڻائيءَ سان ڌڻيءَ جي بارگاهه ۾ ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي ساڳيءَ صف ۾ بيهندا آهن.

5. نماز مان ڪهڙا فائدا آهن؟
ج: نماز هڪ قسم جي ورزش آهي، جنهن ڪري ماڻهو چست ۽ تندرست رهي ٿو.

## ب صحيح جواب چونڊيو.

1. ___نماز___ پڙهڻ لاءِ اسان مسجد ۾ ويندا آهيون.
(i) قرآن (ii) عيد نماز (iii) نماز ✓

2. عورتون ___گهرن___ ۾ نماز پڙهنديون آهن.
(i) مدرسن (ii) گهرن ✓ (iii) اسڪولن

3. ٽيپهريءَ جي نماز سج لهڻ کان ___هڪ ڪلاڪ___ اڳ ۾ پڙهبي آهي.
(i) هڪ ڪلاڪ ✓ (ii) ٻه ڪلاڪ (iii) ٽي ڪلاڪ

4. نماز مان ___ڪيترائي___ ديني ۽ دنياوي فائدا آهن.

(i) تي (ii) چار (iii) ڪيترائي ✓

5. جماعت ۾ نماز پڙهڻ سان دوست ۽ پاڙيسري روزانو ___پنج___ دفعا پاڻ ۾ ملن ٿا.

(i) پنج ✓ (ii) ڇهه (iii) ست

## ج لفظن جي معنيٰ لکي، جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
| --- | --- |
| فرض | الله تعاليٰ جو ڏنل حڪم |
| جملو | نماز هر مسلمان تي فرض آهي. |
| جماعت | ٽولو |
| جملو | مردن کي جماعت سان گڏ نماز پڙهڻ گهرجي. |
| سوير | ساجهري |
| جملو | نماز پڙهڻ جي ڪري انسان سوير جاڳي ٿو. |
| نماڻائي | عاجزي |
| جملو | نماز ۾ امير ۽ غريب نماڻائيءَ سان ڏٽيءَ اڳيان جهڪي ٿو. |
| بارگاهه | درگاهه |
| جملو | نماز جي ڪري ماڻهو پنج وقت ڏٽيءَ جي بارگاهه ۾ حاضر ٿئي ٿو. |
| پنج | عدد |
| جملو | نماز پنج وقت فرض آهي. |

## د نماز جي پنجن وقتن جا نالا ٻڌايو:

فجر | ٻيپهري | ٽيپهري

سانجهي | سومهڻي

## د هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
| --- | --- | --- | --- |
| اڳ | پٺ | اچ | وڃ |
| اولهه | اوڀر | انسان | حيوان |
| گهٽ | وڌ | وٺڻ | ڏيڻ |

سبق 10




# ٽيليفون

## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| موٽڻ | ورڻ | اگهه پار | قيمتون |
| نياپو | پيغام | قاصد | پيغام پهچائيندڙ |
| رلي | برباد | خاص | اهم |
| ڪاروبار | وهنوار | تند | ڌاڳو |
| ڪٽنب | خاندان | وقار | عزت |
| زمانو | دؤر | نيڻ | موڪلڻ |
| ويجهي | نزديڪ | سهولت | آساني |
| نمونو | قسم | تڪڙي | جلدي |

## خلاصو

### ٽيليفون

اڳئين زماني ۾ پري رهندڙ ماڻهن جا پيغام ڏاڍا ڏکيا پڄندا هئا۔ اهڙا نياپا ته پيرين پنڌ پيا پڄائبا هئا يا وري گهوڙن ۽ انن وسيلي. پوءِ به پڪ نه هوندي هئي ته نياپو رسيو يا نه؟ ڪبوتر به قاصد ٿي خط ڪٽي ويندا هئا. پر اهي ڪڏهن ڪڏهن

رلي ويندا هئا. پر ٽيليفون تي اڪ ڇنڀ ۾ ڳالهه ٿيو وڃي. ڪڏهن ڪڏهن غلط نمبر به مليو وڃي، تار به وقت وٺي ٿي، فيڪس مشين نئين ايجاد آهي. مشين تي احوال لکي ان ۾ وجهبو ته گهڙيءَ ۾ وڃيو اتي پهچي. هاڻي ٽيليفون به ترقي ڪئي آهي ۽ موبائل فون ته ماڻهو ڪيسي ۾ کنيون هلن. اخبارون، رسالا ريڊيو ۽ ٽيليفون سڀ سڄيءَ دنيا ۾ پيغام پهچائڻ جو ڪم ڪن ٿا.

## مشق

### ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. ٽيليفون ڪهڙي سائنسدان ايجاد ڪئي؟

ج. ٽيليفون گراهم بيل سائنسدان ايجاد ڪئي.

2. ٽيليفون جي عمر اٽڪل ڪيتري ٿيندي؟

ج. ٽيليفون جي عمر اٽڪل سؤ سال ٿيندي.

3. اڳئين زماني ۾ پري رهڻ وارن جا پيغام ڪيئن پهچندا هئا؟

ج. اڳئين زماني ۾ پري رهڻ وارن جا پيغام نه صرف ڏکيا پڄندا هئا پر دير به ٿي ويندي هئي، ڪنهن زماني ۾ ماڻهو ڪبوتر کي قاصد ڪري موڪليندا هئا.

4. ٽيليفون کان واپاري ڪهڙو ڪم وٺن ٿا؟

ج. ٽيليفون جي ذريعي واپار بڻڻ دبائي هڪ ٻئي کا حال احوال به وٺن ٿا ۽ شين جا اگهه پار به ٻڌائين ٿا.

5. ٽيليفون کان سواءِ پيغام رسائڻ جا ٻيا ڪهڙا وسيلا آهن؟

ج. ٽيليفون کان سواءِ پيغام رسائڻ جا ٻيا وسيلا ٽيلي پرنٽر ۽ فيڪس مشين وغيره آهن.

## ج صحيح جملي جي سامهون ”ص“ ۽ غلط جملي جي سامهون ”غ“ لکو.

1. ٽيلي فون کي گراهم بيل نالي سائنسدان ايجاد ڪيو هو. ص
2. ٽيلي فون جي ڪري دنيا پري ٿي وئي آهي، فاصلا وڌي ويا آهن. غ
3. سڄي دنيا جو ڪاروبار ۽ وهنوار خَطن وسيلي هلي ٿو. غ
4. اڳئين زماني ۾ پري رهڻ وارن جا نياپا ڏکيا پڄندا هئا. ص
5. ٽيلي فون جي ڪري ماڻهن کي وڏي سهولت ٿي پئي آهي. ص

## ج لفظن جي معنيٰ لکوءِ جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| ٽيليفون | پريان وارو آواز |
| جملو | ٽيليفون جي تقريباً سؤ سال عمر ٿيندي. |
| قاصد | نياپو ڏيندڙ |
| جملو | ڪنهن زماني ۾ ماڻهو ڪبوتر کي قاصد ڪري موڪليندا هئا. |
| موبائل | فون جو قسم |
| جملو | اڄوڪي دؤر ۾ موبائل ضروري آهي. |
| ايجاد | ناهڻ |
| جملو | ٽيليفون گراهم بيل سائنسدان ايجاد ڪئي. |
| سهولت | آساني |
| جملو | ٽيليفون جي ڪري ماڻهن کي گهڻي سهولت ٿي پئي آهي. |

## د هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| سهولت | ڏکيائي | پري | ويجهو |
| گهٽجڻ | وڌڻ | اڳئين | پوئين |
| هيٺ | مٿي | اصل | نقل |

## ر اکر ملائي لفظ ٺاهيو:

| | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ٿ | ي | ل | ي | ف | و | ن | | ٽيليفون |
| ٽ | ي | ل | ي | و | ي | ز | ن | ٽيليويزن |
| پ | ن | ھ | ن | ج | ا | | | پنھنجا |
| ا | ي | ج | ا | د | | | | ايجاد |
| ز | م | ا | ن | ي | | | | زماني |
| ڳ | ا | ل | ھ | ا | ي | و | | ڳالھايو |
| س | ھ | و | ل | ت | | | | سھولت |
| س | ي | ن | گ | ا | ر | | | سينگار |

سبق 11

# اچو ته ٻوٽا پوکيون



## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| باغيچو | باغ | ڪڪڙي | گورو |
| صورت | شڪل | اندر | منجهه |
| آبي بخار | پاڻيءَ جا بخار | مهيا | دستياب |
| حياتي | زندگي | بقاء | باقي رهڻ |
| بناوت | ٺاهه ٺوهه | مطلب | مقصد |
| حصو | ڀاڱو | تڙڪو | اُس |
| وانگر | جيان | معلومات | خبر |

## خلاصو

## اچو ته ٻوٽا پوکيون

جمعي جي ڏينهن استاد ۽ ٻيا ٻار جن ۾ زاهد به هو باغيچي ۾ ٻوٽا پوکڻ ويا. استاد کين ٻڌايو ته ٻوٽا نه رڳو ساهوارا آهن پر انهن کي اسان وانگر کاڌو خوراڪ جي ضرورت به هوندي آهي ٻوٽي پوکڻ بابت استاد ٻڌايو ته هڪڙي خالي ڪونڊيءَ ۾ پاڻي ۽ مٽي وجهي، ان ۾ گدامڙي جي ڪڪڙي يا ٻير جو ڏڏڙو وجهي مٿان مٽيءَ جي تهه سان ڍڪي ڇڏيو آهي، ان کي

روزانو لاڳيتو چار يا پنج ڏينهن ٿورو ٿورو پاڻي ڏبو تہ اهي ٻج وري سلن جي شڪل ۾ ڦٽي نڪرندا. سلو ڪمزور ٻوٽو هوندو آهي، انهن کي اجا بہ پاڻي ڏبو رهبو تہ اهي وڌيڪ وڏا ٿي پوندا. انهيءَ ٻوٽي کي پاڙ، ٿڙ، ٽاريون ۽ پن وغيره بہ ٿيندا آهن. استاد ٻڌايو تہ اها پاڙ هن کي زمين اندر اپو جهليون بيٺي هوندي آهي. مٿئين حصي کي ٿڙ چئبو آهي. ٿڙ مان وري ٽاريون ڦٽن ٿيون ۽ ٽارين ۾ پن ٿين ٿا. استاد اهو بہ ٻڌايو تہ گلن مان ميوا پيدا ٿين ٿا، ٻوٽن مان اسان کي ٻارڻ لاءِ ڪاٺيون بہ ملن ٿيون، ڪيترن جانورن جي ڪاڌ خوراڪ بہ ٻوٽن مان ملي ٿي، وڻ ۽ ٻوٽا ڪيترن ئي جانورن کي قدرتي ماحول مهيا ڪن ٿا.

## مشق

### ١ هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. چا ٻوٽا بہ ساهوارا آهن؟

ج: ها: ٻوٽا بہ ساهوارا آهن.

2. ٻوٽي جا مکيہ حصا ڪهڙا آهن؟

ج: ٻوٽي جا مکيہ حصا پاڙ، ٿڙ ۽ ٽاري آهن.

3. پن ٻوٽي لاءِ ڪيئن خوراڪ تيار ڪن ٿا؟

ج: پن ڪاربان گئس ۽ آبي بخار ڪٺي سج جي روشنيءَ تي ٻوٽي لاءِ خوراڪ تيار ڪن ٿا.

4. ميوا چا مان پيدا ٿين ٿا؟

ج: گلن مان ميوا پيدا ٿين ٿا.

5. ڪهڙا مٺي رس وارا ميوا گلن مان نڪرندا آهن؟

ج: مٺي رس وارا ميوا جهڙوڪ: هنداڻا، گدرا، ونگا، ڪيرا وغيره گلن مان نڪرندا آهن.